
قرآني بيان

# دل جي سختي جو وبال

(سپارو:1، سورهء بقرة:74)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

13نومبر، 2026ء
( متوقع اسلامي تاريخ: 2 جمادي الآخر،1448 هه)
جمعة المبارڪ جو



**مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ**

**13 نومبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 2 جمادي الآخر 1448ھ) جمعة المبارڪ جو**

**قرآني بيان**

**بنام**

# دل جي سختي جو وبال (سيپارو: 1، سورهٔ بقرة: 74)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ...جبلن جو خوفِ خُدا
- ... شڪر گذار پٿر (واقعو)
- ... دل جي سختي جا ڪجهہ اسباب
- ...دل نرم ڪرڻ جا 3 نسخا

پيشڪش


اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 11، حديثِ پاڪ نمبر: 11 آهي:

مَنْ صَلَّى عَلَيَّ اَوْ سَاَلَ لِيَ الْوَسِيلَةَ حَقَّتْ عَلَيْهِ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

ترجمو: جنهن مون تي درود شريف پڑهيو يا الله پاڪ جي بارگاهِ ۾ منهنجي لاءِ وسيلي جي دعا ڪئي، قيامت جي ڏينهن ان تي منهنجي شفاعت ثابت ٿي وئي. (1)

خاص محبوبِ خدا ختمِ رسالت پر سلام
عينِ رحمت شافعِ روزِ قيامت پر سلام
عرض کيجے کافی...!! مُشتاقِ ہر لَيل و نہار
صاحبِ لولاک، سُلطانِ شفاعت پر سلام (2)

---

1...فضل الصلاة على النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:51، حدیث:50۔

2... کافی کی نعت، صفحہ:42 ملتقطًا۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو):

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ وَ اِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ وَ اِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ؕ وَ اِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۷۴﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 74)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ان کان بعد توهان جون دليون سخت ٿي ويون تہ اهي پٿرن جيان آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ سخت ۽ پٿرن مان تہ ڪجھ اهي آهن جن مان ندیون وهي نڪرن ٿيون ۽ ڪجھ اهي آهن جو جڏهن ڦاٽي پون ٿا تہ انهن مان پاڻي نڪرندو آهي ۽ ڪجھ اهي آهن جيڪي الله پاڪ جي ڊپ کان ڪِري پوندا آهن ۽ الله توهان جي عملن کان هرگز بي خبر نہ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپاري: 1، سورة البقره جي آيت: 74 پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سورة البقره جي آيت: 49 کان بني اسرائيل جي برائين جو جيڪو بيان شروع ٿيو هو، ان جي هتي پڃاڻي ٿي رهي آهي. اچو تہ هيءَ آيتِ ڪريمہ پڙهون، سمجهون ۽ ان مان نصيحت حاصل ڪريون ٿا:

## آيت ڪريم جي مختصر وضاحت

الله پاڪ ارشاد فرمايو:

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ان کان بعد توهان جون دليون سخت ٿي ويون (سيپارو: 1، البقرة: 74)

يعني بني اسرائيل تي ايترا انعامَ ٿيا، انهن کي بار بار نعمتون عطا ٿيندیون رهيون، پر اهي شڪر ڪرڻ بدران مسلسل نافرمانيون ڪندا رهيا[1] ❖ انهن کي فرعون کان نجات ڏني وئي، پر انهن ناشڪري ڪئي ❖ انهن کي توريت عطا ڪيو ويو، تڏهن بہ ناشڪري ڪيائون ۽ گابي جي پوڄا ۾ لڳي ويا ❖ انهن کي توبہ جي توفيق بخشي وئي، پر انهن ناشڪري ڪئي ❖ انهن جي 70 ماڻهن کي ڪوهِ طور تي گهرايو ويو، پر اتي بہ انهن گستاخي ڪئي ❖ انهن کي مَن ۽ سلويٰ عطا ڪيو ويو، پر ناشڪري ڪندا رهيا ❖ انهن کي قدرت جون نشانيون ڏيکاريون ويون، تڏهن بہ انهن ناشڪري ڪئي، اهي الله پاڪ جي نافرمانين ۾ رُڌل رهيا ۽ گناهن کان باز نہ آيا. نيٺ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو انهن جون دليون سخت ٿي ويون ڪيتريون سخت ٿيون؟ فرمايو:

فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ

ترجمو ڪنزُ العرفان: تہ اهي پٿرن جيان آهن. (سيپارو: 1، البقرة: 74)

هيءَ انتهائي سختيءَ جي علامت آهي. ائين تہ ٻيون بہ شيون سخت

---

[1]...تفسير جلالين مع حاشيہ صاوي، پاره:1 ، سورۂ بقرة، زير آيت:74، جلد:1، جز:1، صفحہ:83 ـ

هوندیون آهن، لوهه کیڏو نه سخت هوندو آهي، پر باهه ۾ رکڻ سان نرم ٿي پوندو آهي ❖ کاڻي به سخت هوندي آهي، پر پاڻيءَ ۾ وجهڻ سان نرم ٿي پوندي آهي ❖ پلاسٽڪ سخت هوندي آهي، پر باهه تي رکڻ سان ڳري ويندي آهي ❖ پر پٿر هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا نه پاڻيءَ ۾ ڳري ٿي، نه باهه ۾ سڙي ٿي، نه اُس ۽ گرميءَ ۾ پگهرجي ٿي ان کي پَجِي، هتوڑا هڻي هڻي سنها ذرا ذرا ته ڪري سگهجي ٿو پر نرم نٿو ڪري سگهجي. اهڙيءَ طرح بني اسرائيل کي انهن جي گناهن جي سزا ملي ۽ نافرمانين جي نحوست هيءَ ٿي جو انهن جون دليون پٿر وانگر سخت ٿي ويون، يعني اهڙا بڻجي ويا جو هاڻي کنهن به صورت ۾ نرم نٿا ٿي سگهن.

بلڪ ڳالهه ته ان کان به اڳتي وڌي چڪي آهي، اها ڪيئن؟ فرمايو:

اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: بلڪ انهن کان به وڌيڪ سخت. (سيپارو: 1، البقرة: 74)

يعني انهن جون دليون پٿرن کان به وڌيڪ سخت ٿي ويون آهن. هاڻي پلا پٿر کان وڌيڪ سختي ڪهڙي هوندي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو:

وَ اِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ؕ وَ اِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ؕ وَ اِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۷۴﴾

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ پٿرن مان ته ڪجهه اهي آهن جن مان ندیون وهي نڪرن ٿيون ۽ ڪجهه اهي آهن جو جڏهن ڦاٽي پون ٿا ته انهن مان پاڻي نڪرندو آهي ۽ ڪجهه اهي آهن جيڪي الله پاڪ جي ڊپ کان ڪِري پوندا

آهن ۽ الله توهان جي عملن کان هرگز بي خبر نه آهي. (سيارو: 1، البقرة: 74)

يعني پٿر کٽي کيترا به سخت چو نه هجن، پر اهي به الله پاڪ جا نافرمان ناهن هوندا، اهي به روئي پوندا آهن، انهن مان چشما جاري ٿي ويندا آهن، خوفِ خدا سبب وڏا وڏا جبل ۽ ٽڪريون لڙهي پون ٿيون پر هي انهن گنهگارن جون دليون آهن جيڪي ايتريون سخت ٿي ويون، ايتريون ته سخت ٿي ويون جو ❖ مٽن کنهن به ڳالهه جو ڪو اثر نٿو ٿئي ❖ الله پاڪ جو حڪم ٻڌي جهڪن نه ٿيون ❖ عذاب جو ذڪر ٻڌي به دل ۾ خوف نه ٿيون رکن ❖ جنت جي نعمتن جو بيان ٻڌي ان طرف مائل نه ٿيون ٿين تنهنڪري، هي انهن گنهگارن جون دليون آهن جيڪي پٿرن کان به وڌيڪ سخت ٿي ويون آهن. [1]

## پٿرن ۾ به شعور هوندو آهي

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هتان معلوم ٿيو ته پٿرن ۾ به شعور هوندو آهي، اها الڳ ڳالهه آهي ته اسان کي انهن جي شعور جي خبر ناهي هوندي. [2]

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّ سَخَّرْنَا مَعَ دَاوٗدَ الْجِبَالَ یُسَبِّحْنَ وَ الطَّیْرَؕ وَ كُنَّا فٰعِلِیْنَ۝۷۹

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ دائود لاءِ جبلن ۽ پکين کي تابع ٻڌائي ڇڏيو جو جبل ۽ پکي تسبيح ڪندا هئا. (سيارو: 17، الانبياء: 79)

---

[1]... تفسير ڪبير، پاره:1 ، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:74، جلد:1، صفحه:555 خلاصةً۔

[2]...تفسير نعيمي، پاره:1 ، سورۂ بقرة، زير آيت:74، جلد:1، صفحه:479۔

معلوم ٿيو تہ جبل بہ تسبيح ڪندا آهن، هاڻي انهن جي اها تسبيح ڪهڙي آهي؟ ڪيئن ٿا ڪن؟ ۽ ڪهڙي انداز سان ڪندا آهن؟ اهو الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. ❖ اهڙيءَ طرح ابوجهل جي هٿ ۾ پٿرين ڪلمو پڙهيو، جيڪو ابوجهل پاڻ بہ ٻڌو ❖ مڪي پاڪ جا ڪيئي خوش نصيب پٿر رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سلام پيش ڪندا هئا ❖ اُحد جبل بابت ارشاد ٿيو: اُحُدٌ جَبَلٌ يُّحِبُّنَا وَنُحِبُّهٗ يعني اُحد جبل اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ اسان ان سان محبت فرمائيندا آهيون.[1]

## اُحد جبل جون فضيلتون

سُبْحٰنَ الله! اُحد جبل جو ڇا تہ شان آهي...!! ماشاءَ الله! هيءُ عاشقِ رسول جبل آهي، ۽ هن مقدس جبل جي نصيب تان قربان وڃجي! اسان ڪي تہ غلاميءِ رسول جا نعرا هٽندي سال گذري ويا، باقي سچو پاڻ وارو تہ اهو آهي جنهن کي پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبول فرمائي ورتو.

| | |
|---|---|
| اللہ کا محبُوب بنے جو تمہیں چاہے | اُس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو[2] |

پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰى صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: فَاِذَا جِئْتُمُوْهُ جڏهن اوهان اُحد جبل وٽ اچو، فَكُلُوْا مِنْ شَجَرِهٖ تہ ان تي ڦٽندڙ وڻ جا پنَ (تبرڪ طور) کائيندا ڪريو! وَلَوْ مِنْ عِضَاهِهٖ توڙي جو اوهان کي ان وڻ جا فقط

---

[1]...بخاری، کتاب الزکاۃ، با ب خرص التمر، صفحہ:414، حدیث:1482۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:206۔

ڪندا ئي ملن (برڪت لاءِ اهي ئي ڇاڙيندا ڪريو!) [1]

علامہ مُناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪندا ڇاڙڻ جھڙي شيءِ ناھن، انھن کي ڇاڙڻ لاءِ تمام گھٽي مشقت ۽ تڪليف ڪٽڻي پوندي، فرمانِ مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مطلب هي آهي تہ اُحد جبل جيڪو بيحد بابرڪت آهي، ان سان نسبت رکندڙ وٽن مان جيڪڏھن آسانيءَ سان فيض ۽ برڪت نہ ملي سگھي تہ پوءِ پاڻ کي تڪليف ڏئي بہ برڪت حاصل ڪريو! [2]

جس کے جلوے سے اُحُد ہے تاباں، معدنِ نُور ہے اس کا داماں

ہم بھی اس چاند پہ ہو کر قُرباں دِلِ سنگیں کی جِلا کرتے ہیں [3]

وضاحت: يعني اهي ماهِ طيبہ، حضرت بي بي آمنہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جا مبارڪ چنڊ، ڪي مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، جن جي جلوَن سان اُحد جبل چمڪي رهيو آهي ۽ ان جو دامن نور جي ڪاڻ بٽيل آهي، اسان بہ انھن ماهِ طيبہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تان فدا ٿي، سندن سچي عشق وسيلي پنھنجي سخت دلين جي بيماريءَ جو علاج ڪريون ٿا.

## جبلن جو خوفِ خدا

بھرحال! ان مان اها ڳالھ واضح ٿي تہ جبلن ۾ بہ شعور هوندو آهي، البت اسان کي ان جي خبر ناهي هوندي. هيءَ شعور ڪھڙي حد تائين هوندو آهي ۽ ڪھڙي ڪھڙي طرح جو هوندو آهي؟ اللہ پاڪ فرمايو:

---

[1]...معجم اوسط، من اسمہ احمد، جلد:1، صفحہ:517، حدیث:1905۔

[2]...فیض القدیر، جلد:1، صفحہ:239، تحت الحدیث:239 خلاصۃً۔

[3]... حدائقِ بخشش، صفحہ:113۔

وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ؕ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ پٿرن مان ته ڪجھ اهي آهن جن مان ندیون وهي نڪرن ٿیون ۽ ڪجھ اهي آهن جو جڏهن ڦاٽي پون ٿا ته انهن مان پاڻي نڪرندو آهي ۽ ڪجھ اهي آهن جيڪي الله پاڪ جي ڊپ کان ڪِري پوندا آهن. (سیپارو: 1، البقرة: 74)

يعني جبلن ۾ خوفِ خدا به هوندو آهي، ۽ اهو به ان درجي تائين جو ان خوف سبب انهن مان شاخون وهي پوندیون آهن، جبل ڦاٽي پوندا آهن، ڪجھ جبلن جون وڏيون وڏيون ٽڪريون خوفِ خدا سبب لڙهي هيٺ ڪري پوندیون آهن.

## شڪرگذار پٿر

امام ابو القاسم قُشيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ جا هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڪنهن هنڌان لنگهي رهيا هئا ته پاڻ رستي ۾ هڪ ننڍڙو پٿر ڏٺائون جنهن مان مسلسل پاڻي وهي رهيو هو. ڪنهن وڏي جبل مان چشمو وهڻ ته معمول جي ڳالھ آهي، پر هڪ ننڍڙي پٿر مان پاڻي نڪرڻ ۽ اهو به لاڳيتو وهندو رهڻ حيرت جهڙي ڳالھ آهي. پٿر مان پاڻي وهندڙ ڏسي الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي تعجب ٿيو ته الله پاڪ ان پٿر کي ڳالهائڻ جي سگھ عطا فرمائي. پٿر عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! جڏهن کان مون کي خبر پئي آهي ته جهنم جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن، تڏهن کان مان خوفِ خدا سبب روئي رهيو آهيان، اوهان عَلَيْهِ السَّلَام مون مان جيڪو پاڻي نڪرندي ڏسي رهيا آهيو، اهو پاڻي ناهي بلڪ منهنجا ڳوڙها آهن جيڪي خوفِ خدا مان

وهي رهيا آهن، پٽر جي هيءَ دردن پري ڳالهه ٻڌي انهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي رحم اچي ويو، پاڻ ٻئي هٿ کڻي، الله پاڪ جي دربار ۾ دعا گهريائون: اي الله پاڪ! هن پٽر کي جهنم جي باهه کان محفوظ فرماءِ، الله پاڪ سندن اها دعا قبول فرمائي ۽ هڪدم وحي نازل فرمائي ته اسان هن پٽر کي جهنم جي باهه کان آزاد ڪري ڇڏيو. الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام ان پٽر کي اها خوشخبري ٻڌائي ۽ اڳتي هليا ويا. جڏهن موٽي آيا ته ڏٺائون ته پٽر مان اڃا به پاڻي وهي رهيو آهي! انهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: توکي ته دوزخ کان آزاديءَ جي خوشخبري ملي چڪي هئي، هاڻي وري ڇا معاملو آهي؟ هاڻي ڇو پيو روئين؟ پٽر عرض ڪيو: ذٰلِكَ كَانَ بُكَاءَ الْحُزْنِ وَالْخَوْفِ وَ هٰذَا بُكَاءُ الشُّكْرِ وَالسُّرُوْرِ يعني اهو غم ۽ خوفِ خدا سبب روئڻ هو، ۽ هي شڪراني ۽ خوشيءَ جا ڳوڙها وهائي رهيو آهيان. (1)

## خوفِ خدا سبب روئڻ جون فضيلتون

الله! الله...!! ڪاش! اسان کي به خوفِ خدا سبب روئڻ نصيب ٿي وڃي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن مؤمن جي اکين مان خوفِ خدا سبب ڳوڙها نڪرندا آهن جيتوٽيڪ ماکيءَ جي مک جي مٿي برابر هجن، ۽ پوءِ اهي ڳوڙها سندس چهري جي ظاهري حصي تائين پهچن، ته الله پاڪ ان کي جهنم تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي. (2)

---

[1]...رساله قشيريه ،باب الشكر ، صفحه:213۔

[2]...شُعَبُ الْاِيْمان، جلد:1، صفحه:490، حديث:802۔

قلب پتھر سے بھی سختی میں بڑھا جاتا ہے | خَول پر خول سیاہی کا چڑھا جاتا ہے
لاؤں وہ اشک کہاں سے جو سیاہی دھوئیں | گندگی میں مرا دِل حد سے بڑھا جاتا ہے
المدد...!! یاشہِ ابرار مدینے والے! | قلب سے خوفِ خُدا دور ہوا جاتا ہے

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: خوفِ خدا مان روئڻ وارو ماڻهو جهنم ۾ هرگز داخل نہ ٿيندو، ايستائين جو کير ٿڻن ۾ واپس هليو وڃي. (1)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ جنهن طرح ٿڻن مان نڪتل کير ٿڻن ۾ واپس وڃڻ ناممڪن آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح خوفِ خدا مان روئڻ واري شخص جو دوزخ ۾ وڃڻ بہ ناممڪن آهي. (2)

لائقِ نار ہیں مرے اعمال | التجا یا خُدا کرم کی ہے (3)

الله پاڪ اسان کي پنهنجو خوف نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دل جي سختيءَ جو وبال

الله پاڪ ارشاد فرمايو:

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوْبُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ؕ

---

1... ترمذی، کتاب فضائلِ جہاد، باب ما جاء فضل الغبار فی سبیل اللہ، صفحہ:415، حدیث:1633۔
2...مرآۃ المناجیح، جلد:5، صفحہ:436 بتغیر قلیل۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:141۔

ترجموكنزُالعرفان: پوءِ ان کان بعد توهان جون دليون سخت ٿي ويون تہ اهي پٿرن جيان آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ سخت. (سيپارو: 1، البقرة: 74)

هي بني اسرائيل جو عيب بيان ڪيو ويو تہ انهن جون دليون پٿرن کان بہ وڌيڪ سخت ٿي ويون هيون، ان ڪري مٿن ڪنهن بہ نصيحت جو ڪو اثر نہ ٿيندو هو. اسان کي حڪم آهي تہ هن بدبختيءَ کان بچون، پنهنجي دل جي چگّيءَ طرح سنيال ڪريون ۽ ان کي ڪڏهن بہ مُردار ٿيڻ نہ ڏيون.

## مُرده دل وارن جهڙا نہ ٿي وجو...!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلَا يَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلُ فَطَالَ عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ

ترجموكنزُ العرفان: ۽ مسلمان انهن جهڙا نہ ٿين جن کي پهريان ڪتاب ڏنو ويو پوءِ انهن تي مدت ڊگهي ٿي وئي پوءِ انهن جون دليون سخت ٿي ويون. (سيپارو: 27، الحديد: 16)

هن مبارڪ آيت ۾ الله پاڪ اڳين قومن جو ذڪر فرمايو تہ اهي ماڻهو جن کي اڳ ۾ ڪتاب عطا ڪيو ويو هو، اهي وڏين اميدن ۾ پئجي ويا، جنهن ڪري انهن جون دليون سخت ٿي ويون. تنهنڪري، اي مسلمانو! اي محبوبِ ذي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سچا غلامو! اوهان هرگز انهن اهلِ ڪتاب جهڙا نہ ٿي وججو! بلڪ ڊگهين اُميدن کان بہ بچو ۽ پنهنجي دلين جي بہ پرپور حفاظت ڪريو...!!

## دل نيڪ آهي تہ سڀ ڪجھ نيڪ آهي!

اي عاشقانِ رسول! اسان جي دل سڀ کان قيمتي تختي آهي، جنهن کي گناهن کان پاڪ صاف رکڻ ئي دين جو اصل مَطْلُوب (مقصد) آهي. اِهو ئي اِصلاح جو اصل راز آهي، انهيءَ سان انسان سنوَرجي ٿو ۽ سڀ ڪم سُلجهي وڃن ٿا. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلَآ وَاِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ، وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ، اَلَآ وَهِيَ الْقَلْبُ بڌي ڇڏيو! بيشڪ جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي، جڏهن اهو نيڪ ٿي وڃي، سڄو جسم نيڪ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو بگڙجي وڃي تہ پورو جسم بگڙجي ويندو آهي، بُڌي ڇڏيو! اهو گوشت جو ٽڪرو دل آهي. (1)

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ٻانهي جا سمورا معاملا ان جي دل سان ڳنڍيل آهن، جيڪڏهن دل پاڪ ۽ صاف هجي ❖ ان ۾ الله پاڪ جي محبت هجي، الله پاڪ جي پيارن ٻانهن جي محبت هجي ❖ دل ۾ الله پاڪ ۽ ان جي نافرمانيءَ جو خوف هجي تہ پوءِ ٻانهي جا سڀ ڪم درست ٿي ويندا آهن. ٻانهو گناهن کان بچڻ لڳندو آهي، بلڪ گناهه ۾ مبتلا ٿيڻ جي ڊپ کان شڪ شبهن وارين شين کان بہ پاسو ڪندو آهي. پر جيڪڏهن دل بگڙجي وڃي، اها نفساني خواهشن جي پوئلڳ ٿي وڃي، ان ۾ خوفِ خدا نہ رهي تہ ٻانهي جا سڀ ڪم بگڙي ويندا آهن ۽ ٻانهو نفساني خواهشن جي ڇار ۾ گرفتار ٿي ڪري گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، ان ڪري چوندا آهن: دل تمام جسم جو بادشاه آهي تمام عضوا ان جو لشڪر

---

1...بخاري، كتاب الايمان، باب فضل من استبرا، صفحه:84-85، حديث:52۔

آهن، جيڪڏهن بادشاهه نيڪ هجي تہ لشڪر بہ نيڪ ٿي ويندو آهي، ۽ جيڪڏهن بادشاهه بگڙجي وڃي تہ پورو لشڪر بگڙجي ويندو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| دِل ہی ڈبوئے، دِل ہی ترائے | دِل سا دوست نہ دِل سا دُشمن |

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چا تہ خوب چيو آهي:

| | |
|---|---|
| دِل کہ تِیمار ہمارا کرتا | آپ بیمار ہے کیا ہونا ہے |
| تیرے بیمار کو میرے عیسیٰ! | غش لگاتار ہے کیا ہونا ہے[2] |

وضاحت: اها دل جيڪا اسان جو علاج ۽ خبرچار ڪري ها، اها خود بيمار ٿي پئي آهي، هاڻي اسان جو چا ٿيندو...؟!اي منهنجا عيسيٰ (يعني شفا بخشيندڙ نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم)! اوهان جو غلام گناهن جي بيماريءَ ۾ ورتل آهي ۽ لڳاتار غفلت جي بيهوشيءَ ۾ غرق آهي. افسوس! هاڻي ان جو چا ٻڌندو...؟

## سيءِ کان وڏي سزا

جامع ترمذي جي حديثِ پاڪ آهي، دلين جي طبيب، الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اَبْعَدَ النَّاسِ مِنَ اللهِ الْقَلْبُ الْقَاسِی يعني بيشڪ الله پاڪ کان سيءِ کان وڌيڪ پري اهو ماڻهو آهي، جنهن جي دل سخت آهي.[3] حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻانهن کي جيڪي بہ سزائون

---

[1]...جامع العلوم والحكم، الحديث السادس، صفحه:83-84 بتغير قليل۔

[2]...حدائق بخشش، صفحه:166-167 ملتقطاً۔

[3]...ترمذی، کتاب الزہد، صفحه:573، حدیث:2411۔

ڏنيون ويندیون آهن، انهن مان سڀ کان وڏي سزا اها آهي تہ ٻانهي جي دل سخت ڪئي ويندي آهي. [1]

| | |
|---|---|
| قَلب سختی میں حَد سے بڑھا ہے | بندہ طالِب ترے خَوف کا ہے |
| اِلتجائے غمِ مصطَفٰے ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے |
| حُبِّ دُنیا میں دِل پھنس گیا ہے | نَفسِ بَدکار حاوِی ہوا ہے |
| ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے [2] |

## چار بدبختيون

**هڪ حديث شريف ۾ آهي:** چار شيون بدبختيءَ مان آهن: (1): اکين جو خشڪ ٿي وڃڻ (يعني اکين مان ڳوڙها نہ ڳڙڻ، روئڻ نہ اچڻ) (2): دل جي سختي (3): ڏکيون اميدون (4): دنيا جي لالچ. [3]

الله پاڪ اسان سڀني کي هن بدبختيءَ کان محفوظ فرمائي! اسان سڀني کي پنهنجي دل جي حالت ڏانهن ضرور ڏيان ڏيڻ گهرجي، جيڪڏهن دل سخت ٿي وئي هجي تہ پوءِ ان جي علاج جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## دل جي سختيءَ جا ڪجهه سبب

اي عاشقانِ رسول! دل جي سخت ٿيڻ ۽ ان تي مَير چڙهڻ جا ڪيترائي

---

[1]...كتاب الزهدلامام احمد، زهد محمد بن سيرين، صفحہ:372، رقم:1875۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:134۔

[3]...مسند بزّار، مُسْنَدُ ابی حَمْزَةَ اَنَس بْنِ مَالِك، جلد:13،صفحہ:88، حدیث:6442۔

سبب (*Reasons*) آهن: مثال طور ❖ فضول گالهائڻ (يعني بنا ضرورت مسلسل گالهائيندو رهڻ) سان دل سخت ٿيندي آهي. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي ذڪر کان سواءِ گهٽيون گالهيون ڪرڻ دل کي سخت ڪري ڇڏيندو آهي. [1] ❖ اهڙي طرح گهٽو کلڻ سان دل سخت ٿيندي آهي، حديثِ شريف ۾ آهي: اِنَّ كَثْرَةَ الضِّحْكِ تُمِيْتُ الْقَلْبَ يعني بيشڪ گهٽو کلڻ دل کي مرده (*Dead*) ڪري ڇڏيندو آهي. [2] ❖ ائين ئي گهٽو کائڻ، خصوصاً حلال ۽ حرام جي پرواهه ڪرڻ بنا کائيندو رهڻ دل کي مردو ڪري ڇڏيندو آهي ❖ ۽ دل کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچائيندڙ شيءِ گناهه آهي. گناهه چاهي ننڍو هجي يا وڏو، دل تي بُرو اثر (*Bad Effect*) وجهندو آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۴﴾

ترجموڪنزُالعرفان: بلڪ انهن جي ڪيل عملن انهن جي دلين تي ڪٽ چاڙهي ڇڏيو آهي. (سيپارو: 30، مطففين: 14)

دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد
نفس و شیطان ہو گئے غالب
نیم جاں کر دیا گُناہوں نے

کوئی ایسی ہَوا چلا یارَبّ!
اُن کے چُنگل سے تُو چھڑا یارَبّ!
مَرضِ عصیاں سے دے شِفا یارَبّ!

---

[1]...ترمذی، کتاب الزہد،باب ما جاء فی حفظ اللسان، صفحہ:573، حدیث:2411۔

[2]... ابنِ ماجہ،کتاب الزہد،باب الحزن و البکاء،صفحہ:681،صفحہ:4193۔

واسطہ میرے پیر و مرشد کا | مجھ کو تُو متقی بنا یارَبّ![1]

## دل کي نرم ڪرڻ جا 3 نسخا

دل جي سختي مٽائڻ ۽ ان کي نرم ڪرڻ جا ٽي نسخا پيش خدمت آهن:

### (1): ذِڪرُ اللّٰه

اللّٰه پاڪ جي ذڪر جي ڪثرت سان دل جو زنگ لهي ويندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي، اللّٰه پاڪ جي حبيب، دلين جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ جهڙيءَ طرح لوهه (Iron) کي ڪَٽ (زنگ) لڳندو آهي، ايئن دلين کي زنگ آلود ٿي ويندين آهن.“ عرض ڪيو ويو: يا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! دل جي ڪَٽ جو علاج ڇا آهي؟ فرمايائون: ”موت کي گهٽو ياد ڪرڻ ۽ ذڪرِ الاهيءَ جي ڪثرت ڪرڻ.[2]

کاش لَب پر مرے رہے جاری | ذِکر آنکھوں پہ تر ترا یارَبّ!
چشمِ تَر اور قلبِ مُضطَر دے | اپنی اُلفت کی مے پِلا یارَبّ![3]

### (2): موت جي ياد

پيارا اسلامي پائرو! دل جو زنگ لاهڻ وارو ٻيو نيڪ عمل آهي: موت جي ياد. جي ها! موت کي ياد ڪرڻ سان ۽ دل جو زنگ دور ٿيندو آهي. امام

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:79-81 ملتقطًا۔

[2]... شُعَبُ الايمان ، باب في تعليم القرآن، جلد:2،صفحہ:353، حديث:2014۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:79۔

اِبنِ ابي الدنيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ لکن ٿا: هڪ پيرو هڪ عورت سيده عائشه صديقه، طيبه، طاهره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي ۽ پنهنجي دل جي سختيءَ جي شڪايت ڪيائين. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمايائون: اَكْثِرِیْ مِنْ ذِكْرِ الْمَوْتِ يعني موت کي گهٽي کان گهٽو ياد ڪندي ڪر!

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اها عورت وري آئي ۽ سيده عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو شڪريو ادا ڪيو (ته مون اوهان جي ٻڌايل نسخي تي عمل ڪيو ته الله پاڪ جو فضل ٿيو، موت جي ياد رنگ لاتو ۽ دل جي سختي دور ٿي وئي). [1]

معلوم ٿيو ته موت جي ياد سان دل جو زنگ نهايت تيزيءَ سان لهندو آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي ته وقت بوقت موت کي ياد ڪندا رهون.

## موت جي ياد کان غفلت جو انجام

حضرت سعيد بن جُبير، ربيع بن ابو راشد ۽ ٻيا ڪيترائي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ فرمائن ٿا: جيڪڏهن هڪ گهڙيءَ لاءِ به موت جي ياد دل کان پري ٿي وڃي ته دليون بگڙجي ويندیون آهن. [2]

اللهُ اڪبر! موت جي ياد گهڙي گن به دل مان نڪري وڃي ته دل بگڙجي ويندي آهي، جڏهن ته اسان کي ته موت ياد ئي ناهي ايندو، جيڪڏهن ياد اچي به وڃي ته ڪڏهن ڪڏهن، اهو به صرف گهڙي گن لاءِ. هاءِ افسوس! اسان جي دلين جو ڇا حال ٿيندو...!!

---

[1]...موسوعة ابن ابی الدنيا، باب ما يعين ذكر الموت، جلد:5، صفحه:442، حديث:156۔

[2]... مجموع رسائل ابنِ رجب،ذم قسوة القلب،جلد:1،صفحه:265۔

عارضی آفتِ دُنیا سے توڈرتا ہے دِل

ہائے بے خوف عذابوں سے ہوا جاتا ہے[1]

## (3): نيڪ پانهن جي صحبت

پيارا اسلامي پائرو! دل جو زنگ لاهڻ جو ٻيون ۽ عملي طور تي انتهائي اثرائتو(*Effective*) طريقو نيڪ صحبت آهي ❖ الله پاڪ جي نيڪ پانهن وٽ اٺڻ، ويهڻ ❖ سندن نصيحتون ٻڌڻ ❖ انهن ڏانهن محبت واري نگاهه سان ڏسڻ، ۽ ❖ سندن اعليٰ سيرت کي اپنائڻ جي برڪت سان دل جو زنگ اهڙيءَ تيزيءَ سان لهندو آهي، جنهن جو ڪو جواب ئي ناهي.

## دل جي سختيءَ جو انوکو علاج

حضرت جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان جڏهن به پنهنجي دل ۾ سختي محسوس ڪندو هئس تہ صبح جو سوير حضرت محمد بن واسع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دربار ۾ حاضر ٿي ويندو هئس، جنهن جي برڪت سان مون کي فائدو پهچندو هو.[2]

اللہ اللہ کیے جانے سے اللہ نہ ملے | اللہ والے ہیں جو اللہ سے ملا دیتے ہیں

## هڪ نگاهِ ڪرم جي ڳالهه آهي

حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسيرِ نعيمي ۾ فرمائن

---

1... وسائلِ بخشش،صفحہ:432۔

2... حِلْيَةُ الْاَوْلياء، محمد بن واسع، جلد:2، صفحہ:395، رقم:2694۔

ٿا: گناهن جي ڪري دل آهستي آهستي مِيري ٿيندي آهي (مثلاً هڪ گناهه ڪرڻ سان دل تي هڪ ڪارو داغ لڳي ويندو آهي، ٻيو گناهه ڪرڻ سان ٻيو داغ لڳي ويندو، ائين آهستي آهستي دل کي ڪَٽ لڳي ويندو آهي) ۽ مِيري دل عبادتن ذريعي آهستي آهستي صاف ٿيندي آهي، پر نيڪ ٻانهن سان دشمني رکڻ سبب دل تي آهستي آهستي نہ، بلڪ هڪدم مُهر لڳي ويندي آهي پر جيڪڏهن ڪنهن نيڪ ٻانهي جي نگاهِ عنايت ٿي وڃي تہ مِيري دل هڪدم صاف سُٿري ۽ چمڪندڙ ٿي پوندي آهي.[1] ان ڪري تہ چوندا آهن:

| | |
|---|---|
| يک زمانہ صحبتِ با اَوليا | بہتر از صَد سالہ طاعتِ بے رِيا |

وضاحت: يعني سوين ورهين جي بي ريا عبادت هڪ پاسي، ۽ ڪنهن ولي ۽ ڪامل جي ڪجهه گهڙين جي صحبت ٻئي پاسي! هي ۽ صحبتِ ولي جيتري تيزيءَ سان اثر ڪندي آهي، عبادت اوتري تيزيءَ سان اثرانداز ناهي ٿيندي. (ياد رهي تہ هن مان هرگز اهو مطلب ناهي تہ نماز ۽ روزو ترڪ ڪري رڳو نيڪ ٻانهن جي صحبت ئي اختيار ڪجي، ائين ڪرڻ سان تہ ابتو نقصان ٿيندو. ٻيو تہ نيڪ ٻانهن جي صحبت نمازين کي بي نمازي نہ، بلڪ بي نمازين کي نمازي بڻائيندي آهي).

## فتح محمد نمازي بڻجي ويو

ميان شير محمد شرقپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڪستان جي مشهور اولياءِ ڪرام مان آهن، هڪ پيري سندن هڪ مريد خدمتِ اقدس ۾ عرض ڪيو: سائين! منهنجو هڪ پٽ آهي: فتح محمد. مون ان کي وڏي چاهه ۽ شوق سان حافظِ

[1]... تفسیر نعیمی،پارہ:1 ،سورۂ بقرہ،زیر آیت:7،جلد:1،صفحہ:158 خلاصۃً۔

قرآن بڌايو پر هو نماز نٿو پڙهي. ميان شير محمد شرقپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: ان کي اسان وٽ وڃي اچجو. جيئن ته مريد بن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي پٽ کي پاڻ سان گڏ وڃي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: حضور! فتح محمد حاضر آهي. ميان شير محمد شرقپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کائنس وڏي پيار ۽ شفقت سان پڇيو: فتح محمد! نماز ڇو نٿو پڙهين؟ عرض ڪيائين: نماز ۾ منهنجي دل نٿي لڳي، جي نماز پڙهائڻي آهي ته دل لڳائي ڏيو.

ميان شير محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڇٽائي تي سُتا پيا هئا، فتح محمد جي اها ڳالهه ٻڌي جوش ۾ اُٿي بينا ۽ شهادت واري آڱر سان سندس دل ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون: وڃ! هاڻي دل لڳندي. بس، الله پاڪ جي ڪامل وليءَ جو ايترو ئي فرمائڻ هو جو هاڻي فتح محمد جي اها ڪيفيت ٿي وئي، جو ظُهر جي نماز شروع ڪندو هو ته عصر تائين ظُهر ئي مڪمل ٿيندي هئي، ۽ عشاء جي نيت ٻڌندو هو ته فجر ٿي ويندي هئي.[1]

طیبہ سے منگائی جاتی ہے، سینوں میں چھپائی جاتی ہے

توحید کی مے پیالے سے نہیں، نظروں سے پلائی جاتی ہے

الله پاڪ اسان کي اولياءِ ڪرام سان محبت ڪرڻ، نگاهِ ڪرم جو طلبگار رهڻ ۽ فقط نيڪ صحبت ئي اختيار ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]... مواعظ نعيميه، صفحه:316-317۔

## القرآن الكريم موبائيل ايپلي كيشن

پيارا اسلامي پائرو! اَلحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي (I.T) ڊپارٽمينٽ پاران هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: القرآن الكريم (Al Quran Al Kareem). هن موبائل ايپليڪيشن ۾ مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي، ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي بُڪ مارڪ (Bookmark) پڻ ڪري سگهجي ٿو. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ ۽ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي ۽ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڇاڻيءَ ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست چاآهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهميءَ جي نشاندهي)

مسئلو: مغرب جي نماز ۾ ايتري دير ڪرڻ جو تارا گهٽا نڪري چمڪڻ لڳن (جهُرمٽ ٻڌجي وڃن)، مڪروهِ تحريمي آهي.

وضاحت: عام طور تي ماڻهن ۾ اها غلط فهمي آهي ته جڏهن تارا نڪري آيا ته سمجهندا آهن هاڻي مغرب جو وقت ختم ٿي ويو. ائين هرگز ناهي! مغرب جو وقت عشاء تائين رهندو آهي، يعني عشاء جو وقت شروع ٿيندي ئي مغرب جو وقت ختم ٿي ويندو. تنهنڪري جيڪڏهن مغرب جي نماز

رهجي وئي، ناهي پڑهي ۽ اجا عشاء جو وقت شروع ناهي ٿيو، تہ فوراً پڑهي ونو! اها نماز ادا ئي شمار ٿيندي، قضا نہ ٿيندي. البت! هي ياد رکو تہ مغرب جي نماز ۾ ايتري دير کڻ جو تارا گهٹا نکري اچن مکروهِ تحريمي يعني گناهہ جو کم آهي. لهٰذا مغرب جي نماز جلدي پڑهڻ جي عادت بٹائڻ گهرجي. حديثِ پاک ۾ آهي: منهنجي اُمّت جيستائين مغرب جي نماز ۾ جلدي کندي رهندي، تيستائين پلائيءَ تي قائم رهندي.[1]

الله پاک اسان کي درست اسلامي احکام سِکڻ ۽ انهن تي عمل کڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## کڈهن بہ تنگدستي نہ ايندي (وظيفو)

يَا رَزَّاقُ (اي تمام گهٹو رزق ڏيندڙ!)

جيکو بہ شخص صبح صادق کان پوءِ ۽ فجر جي نماز کان اڳ پنهنجي گهر جي چئني کُنڊن ۾ بيهي ڏهہ ڏهہ (10) پيرا پڑهي، يَا رَزَّاقُ پڑهي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! گهر ۾ کڈهن بہ تنگدستي نہ ايندي.[2] الله پاک اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...ابو داؤد، كتاب الصلاة، باب فى وقت المغرب، صفحہ:81، حديث:418۔

2...چڑيا اور اندها سانپ، صفحہ:25۔